ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# مابعد جديديت

## (فڪر کان ادب تائين)


### *Abstract*

*Postmodernist thought is an intentional departure from modernist approaches that had previously been dominant. The term "Postmodernism" comes from its rejection of "Modern " scientific mentality of objectivity and progress associated with enlightenment. One of the main characteristics of postmodern thinking is that the world is seen as a much more complex and uncertain place them it actually is. Reality is no longer fixed or determined. All truth within a postmodern context is relative to one's viewpoint or stance. The world is a representation. In other words, it is a fiction created from a specific point of view only, and not the final truth. This is an uncomfortable viewpoint for many people and there is a great deal of misunderstanding about this idea of postmodernism. Beyond all the theory and academic discussion, what is postmodern thought and what is its importance for the modern person? Postmodern thought is, in its very essence, an adventure and an expression of life experience. From its modernist beginnings, Postmodernism is an attempt to question the world that we see around us and not to take other people's views as the final truth. Postmodernism puts everything into question and radically interrogates philosophies, strategies and world views. There is no such thing as a definition of the postmodern. It is a mood rather than a strict discipline. Postmodernism, with all its complexities, is an attempt to find new and more truthful versions of the world. In Sindhi literature, there are many indications of postmodernism but these indications are not treated trends in literature but as reflection of the objective conditions.*


**سڄاڳيءَ** جي دور ۾ فلسفي مان ٽي پرت ڦٽي نڪتا: هڪ عقليت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(Rationalism) پيو ذهن ۽ جسم جي الڳ الڳ حيثيت (Dualism) ۽ ٿيون هر شيءِ تي شڪ ڪرڻ (Skeptical)، رين ڊيڪارٽ جي هن فلسفي کي جديد فلسفي جو بنياد چيو وڃي ٿو. انهن ٽن پرتن مان ادب ۾ ڪلاسيڪل لاڙو پيدا ٿيو، ۽ جديد سائنس جو بنياد پيو. ذهن ۽ جسم جي حقيقت الڳ الڳ تسليم ڪرڻ مان هڪ تہ اڳتي هلي وجوديت ۽ ٻيو جديد نفسيات جو بنياد پيو.اهڙي طرح سجاڳيءَ واري تحريڪ مان انسان ۽ ڪائنات جي رشتي کي نئين طرح استوار ڪيو ويو، ۽ اهڙي طرح جديديت جي شروعات ٿي، جنهن جو بنياد سائنسي ترقيءَ، معاشي نظام جي تبديلي ۽ منطق تي رکيو ويو. بقول ڊاڪٽر افتخار جي تہ:

” جديديت ڪا نئين شيءِ ناهي بلڪ ايتري پراڻي آهي جيترو انسان. جديديت جي اظهار جا ذريعا بدلجندا رهيا آهن . فڪر ۽ واقعا تاريخي پس منظر ۾ قديم يا جديد ٿي سگهن ٿا، پر هر زمان ۽ مڪان جو فڪر جيڪو انساني ترقي لاءِ سرگرم آهي جديد آهي.“ 1

جديديت صرف ذهني لاڙو يا رجحان ناهي بلڪ هي هڪ ثقافتي عمل بہ آهي، جنهن ڪري تخليق ۽ جماليات جا نوان گس ۽ پيچرا بہ هن ۾ ملن ٿا. جديديت سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي ترقيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ نون رشتن ۽ نئين سوچ کي عقلي بنيادن تي استوار ڪري ٿي، ان ڪري جديديت جو اهم رجحان سيڪيولر ازم آهي.جديديت جڏهن ادبي تحريڪ بنجي اڀري ٿي تہ منجهس انسان دوستيءَ جو پهلو نمايان ملي ٿو، جنهن کي ارڙهين صديءَ ۾ روشن خياليءَ جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. جنهن جو مقصد هو دنيا مان توهم پرستي، جهالت، وحشي پڻي ۽ ناانصافيءَ کان انسان کي نجات ڏيارڻ. هن فلسفي جو اهم نمائندو والٽئير (Voltaire 1664-1778) هو. ارڙهين صديءَ ۾ يورپ ۾ تمام وڏيون تبديليون اچڻ لڳيون. روشن خياليءَ جي تحريڪ يورپ ۾ تهذيبي، اخلاقي قدرن کي بدلائي ڇڏيو. ادب، مصوري، موسيقي ۽ سياست ۾ تبديلي آئي، جنهن جي نتيجي ۾ جمهوري قدر پيدا ٿيا. انهيءَ دوران فلسفي ۾ ڪانٽ، هيگل، ۽ روسو جهڙا ڏاها پيدا ٿيا، سائنس ۾ اسحاق نيوٽن، چارلس ڊارون جهڙا اهم ڏاها پيدا ٿيا. هر طرف اهم بحث ۽ نوان موضوع بحث هيٺ آيا. ڪليسا ۽ چرچ جي بادشاهت ٽٽي وئي، صنعتي انقلاب اچڻ لڳا ۽ يورپ ۾ سرمائيداري نظام وجود ۾

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اڇي ويو. ڪچو مال ۽ واڌو پيداوار هٿ ڪرڻ خاطر نيون منڊيون ڳولڻ لاءِ دنيا ۾ واپاري ۽ فوجي يلغار شروع ٿي. اهڙي طرح آبادياتي ۽ نئون آبادياتي نظام وجود ۾ آيو. هر نظام جا پنهنجا پاسا هوندا آهن. شروعاتي دور ۾ سرمائيداري نظام سيڪيولر، انسان دوست هو ۽ ٻئي دور ۾ سندس رجعتي پهلو ظاهر ٿيو. پهرين دور ۾ منڊيءَ جي تلاش، ماڻهن کي شيون واپرائڻ لاءِ متوجهه ڪرڻ، روڊ رستا ٺهرائڻ، ٽپال جو سرشتو قائم ڪرڻ، علم ۽ شعور وڌائڻ لاءِ اسڪول قائم ڪرڻ، ٻولين ۽ قومن کي سڃاڻپ ڏيڻ، مطلب ته هر طرح جي کوج ڪرڻ ۽ نئين دنيا تلاش ڪرڻ سرمائيداري نظام جي ضرورت هئي. آهستي آهستي سرمايو گڏ ٿيندو ويو. ٿجوڙيون ڀرجي ويون ۽ ٻئي طرف وڏا شهر وجود ۾ اچڻ لڳا. شهر جي ڀرپاسي ڪارخانا، ۽ مزدورن جون ڪچيون جهوپڙيون، هڪ طرف سائنسي ترقيءَ جي نتيجي ۾ سک سهولتون ۽ آسودو طبقو ٻئي طرف غريب، محروم ۽ بي روزگار طبقو. سبط حسن" موسيٰ سي مارڪس تڪ" ۾ لکي ٿو

" هڪ طرف وڏا شهر مزدورن لاءِ سزا ۽ لعنت بنجندا ويا ٻئي طرف مزدور طبقو وڌندو ويو، جنهن ڪري مزدور تحريڪون به شروع ٿيون. آخرڪار برطانيا ۾ هڪ وڏي جدوجهد کان پوءِ مزدور طبقي ٽريڊ يونين ٺاهڻ جو حق به حاصل ڪري ورتو." 2

اهڙي ريت جديد دور خلاف نعرا بلند ٿيڻ لڳا ۽ مزدور مشينون ٽوڙڻ لڳا. ٻئي طرف ڪارل مارڪس (Karl Marx 1818-1883) جدلياتي ماديت ۽ تاريخي ماديت جو فلسفو پيش ڪيو. جنهن موجب هن هڪ نئون معاشي نظام ڏنو جنهن جو نالو سوشلزم هو. 1915 ع ۾ عالمي جنگ لڳي جنهن جي نتيجي ۾ روس ۾ انقلاب اچي ويو. سوويت يونين جي انقلاب دنيا ۾ پورهيت ۽ مظلوم طبقي ۾ هڪ نئون عزم ۽ حوصلو پيدا ڪيو جنهن ڪري سڄي دنيا ۾ ترقي پسند تحريڪ شروع ٿي وئي. دنيا جو هر ڏاهو، ساڃهه وند ماڻهو ترقي پسند تحريڪ کان متاثر ٿيو. ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ سڄي دنيا ۾ جديد دور ۾ ماڻهوءَ جي جيئڻ جو هڪ نئون اسلوب قائم ڪيو. ادب جي ان تحريڪ جو باقاعده منشور ۽ وابستگي هئي، جنهن جو مقصد هو ته طبقاتي نظام کي وائڪو ڪجي ۽ انسان جي جيئڻ جو ڪو نئون رستو تلاش ڪجي، جيڪو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سوشلزم نظام ۾ موجود هو. جديد دور پنهنجي ارتقا جا مختلف مرحلا طئي ڪندي هڪ دنيا ۾ ٻن ڪيئمپن ڪي جنم ڏنو، ٻئي طرف سرمائيداريءَ جي بحران دنيا ڪي ٻي جنگ عظيم ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. ٻي جنگ عظيم دنيا ۾ هڪ وڏو بحران پيدا ڪيو جنهن ڪري انسان ۾ ڀيج ڊاهه ٿي، انسان ۾ اڪيلائي، ڏک ۽ ويچارگي جو احساس نروار ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري انسان وجودي وارداتن ۾ وڪوڙجي ويو. حقيقت ۾ جديد دور انسان ڪي فطرت جي هنج مان ڪڍي هٽرادو ۽ مشيني ماحول ۾ آندو هو، ان ڪري انسان جنگ جي هاڃيڪارين ۾ پنهنجي جيئڻ جي مقصد ڪي وڃائي ويٺو. ادب جي اندر انهيءَ جو اظهار مختلف تحريڪن جي صورتن ۾ ٿيندو رهيو. وجوديت جي تحريڪ ادب ڪي متاثر ڪيو. جان پال سارتر (Jean Paul Sartre 1905-1980) هن تحريڪ ڪي فلسفي ۽ ادب ۾ پيش ڪيو. سندس ڪيترائي ڊراما ۽ ناول جهڙوڪ 1938ع ۾ لکيل ناول ڪراهت (Nausea)، 1943ع ۾ لکيل ڊرامو "The Files"، 1944ع ۾ لکيل ڊرامو "No Exit". 1947ع ۾ لکيل ناول (The reprieve) 1949ع ۾ لکيل ناول Trouble Sleep ۾ وجودي لاڙو ۽ انسان جي مقصد ۽ بي مقصديت جا سوال موجود آهن. ان ڪان پوءِ البرٽ ڪاميو ((Albert Camus) 1913 -1960) ادب ۾ هن لاڙي جو اهم نمائندو هو. سندس مشهور لکڻين ۾ ڌاريو ۽ پليگ آهن. انهيءَ ڪان علاوه يورپ ۾ ڪيترائي ٻيا ادبي لاڙا پيدا ٿيا، جهڙوڪ: ماورائي حقيقت (Surrealism) دادا ازم (Dadaism) ڪيوب ازم (Cubism) اظهاريت (Expressionism) شعوري وهڪرو (Stream of Consciousness) وغيره. هنن ۾ ڪيترائي ئي لاڙا چترڪاريءَ ۾ وڌيڪ ظاهر ٿيا. ادب ۾ ٻه هنن جو نمايان اثر ملي ٿو، جن ۾ ڊورٿي رچرڊ سن (Dorthy Richardson) ورجينا وولف (Virginia wolf) جيمس جوائس (James Joyce) اهم نالا ملن ٿا. پهرين جنگ عظيم ڪان پوءِ هي لاڙا جرمني، رومانيه ۽ فرانس ۾ شروع ٿيا. هنن لاڙن ۾ هڪ ته ادب جو اسلوب مخصوص هو. ٻيو قدرن، روايتن ۽ آدرشن ڪان بغاوت هنن لاڙن ۾ نمايان هئي. جهڙي طرح ڪلاسيڪل دور ۾ فن، حقيقت نگاري، جي مخصوص قدرن خلاف بغاوت طور رومانويت پيدا ٿي هئي، اهڙي طرح ترقي پسند تحريڪ جي مخصوص روين، لاڙن ۽ پابندين خلاف بغاوت طور ٻه اهي لاڙا پيدا ٿيا جن ۾ مڪمل ڇڙواڳي، ۽ هر ڳالهه ڪان نفي موجود هئي. رومانيت ۾ ته حياتيات (Vitality) هئي. فطرت نگاري هئي، پر هنن لاڙن ۾ مايوسي، فراريت، وڌيڪ هئي. ڇو ته شهرن جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مصنوعي ماحول ۽ عقليت جي فڪر ۾ ماڻهوءَ مان فطري ۽ روحاني جذبا موڪلائي ويا هئا، ان ڪان پوءِ مارڪسزم جيڪو پورهيت ۽ مظلوم طبقي جي نجات بنجي آيو، ان جو مسئلو اهو هو تہ ماڻهوءَ کي صرف مادي دنيا جي سک ۽ ضرورتن تائين محدود پئي رکيو. ٻي ڳالهہ انسان مان روحانيت ختم ٿي وئي. نندي ڪند ۾ روحانيت مان مراد، خدا ترسي، توڪل، درگذر ڪرڻ، همدردي، پيار، قرب جي معنيٰ ۾ ورتل آهي. جيئن ايچ بي ڊينش چيو هو:

" When modern philosophers announced God dead, it was the divinity -in-human that died, not God"*3

انسان ۾ اڪيلائيءَ جو سبب اها مڪينيڪل ماديت بہ بڻي ۽ زندگيءَ جي بي سببيءَ جو بنياد بڻي. نتيجي طور ادب ۾ وجوديت جهڙا لاڙا پيدا ٿيا. سوويت يونين جيستائين قائم هو، عالمي طور ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ سان گڏ ٻيون تحريڪون فرد ۽ آزاديءَ جي بحث سان هلنديون رهيون. ويهين صديءَ جي آخر ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪان پوءِ عالمي طور حالتون بدلجي ويون. ملٽي نيشنل ڪمپنين جو وجود ۾ اچڻ، مارڪيٽ ڪلچر، ڪپٽ واري ثقافت، نيوڪلئير ٽيڪنالوجي، ڪمپيوٽر ٽيڪنالوجي، جينيٽڪس سائنس ۽ دنيا جو گلوبل وليج ۾ تبديل ٿيڻ واري عمل دنيا کي نئين دور ۾ داخل ڪيو. هن مرحلي جي معروضيت کي مابعد جديديت چئجي ٿو.

مابعد جديديت جي مڪمل وصف تہ اڄ تائين ڪنهن بہ نہ ڏني آهي، پر ايترو ضرور آهي تہ مابعد جديديت هڪ ئي وقت ۾ مختف تضادن وارا تصور ۽ هاڃا ڪٽي آئي. جديديت ۽ مابعد جديديت ۾ فرق اسان هيئن ڪنداسين تہ جديديت ۾ مرڪزيت هئي، تاريخ ۽ ڪلچر هو، رٿابندي ۽ تخليق هئي، پر مابعد جديديت ۾ لامرڪزيت، مايا، عدم تعين، انتشار، هٽرادو موضوع ۽ رينڊم اسٽائيل موجود آهي. مابعد جديديت جو بنياد هيئن نڪتن تي رکيل آهي:

- ڪوانٽم فزڪس
- جديد ميڊيا
- ڪمپيوٽر ٽيڪنالوجي
- غير مادي معشيت (Intangible economics)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- جنيٽڪ سائنس

ڪوانٽم فزڪس جا هيٺيان بنيادي نڪتا آهن:

- wave particle duality
- un certainty principle
- quantum entanglement

آئنسٽائن کان اڳ دنيا اسحاق نيوٽن جي قاعدن تي هلندي هئي. سائنس ۽ معشيت جو بنياد فارمولائز هو. 1905ع ۾ اليڪٽران جي دريافت ٿي ۽ اليڪٽران کي مادي ذرو(Particle) سمجهيو ويو، پر 1930 ع ۾ اليڪٽران جي مادي وجود تي شڪ ڪيو ويو، ڇو ته اليڪٽران جو سگهه ۾ تبديلي وارو مرحلو فارمولائيز ناهي اليڪٽران پنهنجي خصوصيت ۾ هڪ ئي وقت سگهه به آهي ته مادي ذرو به آهي. روشني اليڪٽران جو وهڪرو آهي، اهي اليڪٽران مادي ذرو آهن يا سگهه جون لهرون، جيڪڏهن مادي ذرو آهي ته روشنيءَ ۾ تبديل ڪيئن ٿئي ٿو. جيڪڏهن سگهه آهي ته پوءِ اهو بحث ئي ختم ته دنيا مادي آهي، بلڪ پوءِ مادي جي حيثيت ثانوي ٿي وئي، پر ڪوانٽم فزڪس انهيءَ تي ڪو حتمي جواب نٿي ڏئي. بلڪ اتي ريندم صورتحال پيدا ٿئي ٿي.

Light is an energy exchange between electrons. However, the exchange

mechanism was unknown, as Einstein implied when he said: "I would just like to know what an electron is." 4

هن صورتحال ۾ عدم تعين جو هڪ اڻ کٽندڙ سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو، جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته "God play dice" جيتوڻيڪ آئنسٽائين پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪندو رهيو ته ڪائنات کي ڪلاسيڪل فزڪس تي پرکجي.

While at a glance this may seem like just another strange theory, it contains many clues as to the fundamental nature of the universe and is more important then even relativity in the grand scheme of things (if any one thing at that level could be said to be more important then anything else). Furthermore, it describes the nature of the universe as being much different then the world we see. As Niels Bohr said, "Anyone who is not shocked by quantum theory has not understood it."5

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن ٿيوري کان پوءِ دنيا ۾ هڪ نئون بحث ڇڙي پيو ته هاڻ دنيا جا وهنوار ۽ شين کي ڏسڻ ۾ مسئلن جا حل صرف فارمولائيز ناهن بلڪ رينڊم به آهن. نتيجي طور معشيت ۾ به عدم تعين ۽ گهڻ رخي صورتحال پيدا ٿي، جنهن کي Quantum Entanglement معشيت به چيو وڃي ٿو.

توهان ڏٺو ته گلوبل دنيا جي معشيت کان پوءِ مارڪسزم جي ٿيوري کي ابتڙ پيش ڪيو ويو. مارڪسزم جي ٿيوري مطابق ڪنهن به ماڻهوَ کي ٺاهڻ ۾ ڦٽائڻ ۾ معروضي صورتحال اهم آهي، ماڻهو تيستائين تبديل نٿا ٿي سگهن جيستائين معروضي صورتحال تبديل نٿي ٿئي. ان لاءِ هڪ وڏي انقلاب جي ضرورت آهي، ان کان پوءِ دنيا جو هر عمل معاشي نظام جي تابع آهي، پر گلوبل دنيا جو اهو نعرو آهي ته ماڻهوَ جو اندر ئي سڀ ڪجهه آهي. ايلون ٽافلر ( Alvin Toffler ) کان وٺي اسٽيون ڪووي ( Stephen R Covey ) تائين امريڪا ۾ يورپ جا ڏاها مابعد جديديت جو فڪر پيدا ڪري رهيا آهن ته دنيا کي تبديل پنهنجي داخلي طاقت سان ڪريو. مارڪس جو اهو چوڻ هو ته دنيا ۾ وچٽري ( Neutral) ڪا به شيءِ ناهي، ڪنهن هڪ جو پاسو ڪٽڻو پوندو ڪنهن هڪ کي کٽڻو آهي ۽ ٻئي کي هارائڻو آهي، پر مابعد جديديت جو نعرو آهي ته win + win يعني ٻنهي کي کٽڻو آهي. ڇو ته هڪ شيءِ جا ڪيترائي رخ آهن ڪنهن کي هڪ انگ 6 نظر اچي رهيو آهي عين ممڪن آهي ته ٻئي کي اهو 9 نظر اچي رهيو هجي، ڇو ته ٻنهي جي جڳهه الڳ الڳ آهي، هاڻ جڳهه ٻنهي جي مٽايو ته رايا ٻنهي جا وري بدلجي ويا معنيٰ ٻئي کٽي ويا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته سرمائيدار ۽ مزدور جي جهيڙي جو حل اهو به ٿي سگهي ٿو. مزدور کي سرمائيدار بنجي وڃڻ گهرجي پوءِ ڪنهن به بدعنوانيءَ جي طريقي سان ٿئي.

ان کان پوءِ معروضي حالتون ڪا به معنيٰ نٿيون رکن، ماڻهوءَ کي Proactive ٿيڻ گهرجي. هن لفظ جي معنيٰ اها آهي ته ماڻهوءَ کي پنهنجي موسم پاڻ سان کڻي هلڻ گهرجي، حالتن جو شڪار نه ٿئي. مطلب ته موجوده نظام ۾ جيڪڏهن ڪو غريب آهي ته پنهنجي افعالن جي ڪري آهي، ان ۾ حالتن بدلائڻ جي طاقت ناهي.

مارڪس جي فلسفي جو بنياد هو ته معروضي حالتن کان داخلي حالتون ٺهن ٿيون، پر اسٽيون ڪووي جو چوڻ آهي ته:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"Our behavior is function of our decisions not our conditions" 6

يعنيٰ توهان پنهنجي سوچ بدلايو تہ دنيا بدلجي ويندي.

مابعد جديديت جو بِيو بنياد جديد سڏ سماءَ جا ذريعا آهن. جديد سڏ سماءَ انسان کي جيترا فائدا پهچايا آهن تہ اوترا نقصان بہ. ڇوتہ بنيادي ڳالھ ايجاد جي نہ، پر استعمال جي آهي. غلط رستي تي هلي صحيح نتيجا ڪڏهن بہ حاصل نٿا ڪري سگهجن. واپاري ڪمپنيون جديد ميڊيا کي خوب استعمال ڪن ٿيون. پنهنجي شين کي وڪڻڻ لاءِ ميڊيا تي مشهوري ۾ ماڻهن کي مُنجهائڻ لاءِ هٽرادو مسئلا پيدا ڪيا ويندا آهن. اڳ ميڊيا حالتن ۾ واقعن جون خبرون ڏيندي هئي، پر هاڻ ميڊيا ماڻهن جون خبرون ٺاهيندي آهي. واقعا رونما ٿيل ۾ ميڊيا جا پيش ڪيل الڳ الڳ حقيقت رکندا آهن، ڇو تہ خبرون کي سنسني خيز ٺاهڻ ميڊيا جو ڪم آهي. يعنيٰ عوام اهو ڪجھ ڏسندو آهي جيڪو هن کي ميڊيا ڏيکاريندي آهي. ان ڪان پوءِ اينڪر ڪرسي ميڊيا جو هڪ الڳ ڪلچر آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ دنيا کي ڪنهن نظريي، علم، ڏاهپ ۾ حقيقت جي بجاءِ مخصوص اينڪر پرسن جي راءِ تي هلائجي. يقيني طور اهي اينڪر پرسن واپاري دنيا جي نمائندگي ڪندا آهن، جي ائين نہ ڪندا تہ ڪامياب اينڪر پرسن نہ سڏبا. نتيجو اهو ٿو نڪري تہ ميڊيا هڪ مايا جو ڄار بڻجي وجي ٿي. ميڊيا هٽرادو اشوز ٺاهيندي آهي، جن جي ذريعي ما ٹهن جي راءِ هموار ڪندي آهي.انهن هٽرادو واقعن کي سنسني ٺاهي سماج ۾ ڦهلايو ويندو آهي. جيئن سنڌ ۾ ڪارو ڪاري، ڏرڙو، جرڳو ۾ پريمي جوڙن جو رواج ميڊيا جو پيدا ڪيل آهي. دنيا ۾ بہ ميڊيا ذريعي ڪنهن کي هيرو ٺاهيو ويندو آهي تہ ڪنهن کي زيرو ٺاهيو ويندو آهي. مائڪل جيڪسن ڪان وٺي ميڊونا تائين، هڪ فلم جي سيريز ڪان وٺي ٻئي تائين سڀ ڪاروباري هيرو آهن.

ڪي ايف سيKFC ڪلچر ڪان وٺي پيزا هٽ تائين جو ڪلچر سڀ جديد گليمر ۾ ڪمائيءَ جا ڏنڏا آهن، ڇو تہ انهن جي مشهوري ايتري ڪئي وڃي ٿي جو اهي ماڻهن جي ضرورت بڻجي وڃن ٿا. اڳي اسان ٻڌندا هئاسين تہ " ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي "، پر هاڻي اها ڇوڙي ابتي آهي " ايجاد ضرورت جي ماءُ آهي." پهرين ايجاد ٿيندي آهي پوءِ ميڊيا ذريعي ان جي مشهوري ڪري توهان جي ضرورت بنائي ويندي آهي.

ٽي ويءَ جي دنيا ۾ توهان کي ڪيئن ڳالهائڻو آهي، ڪهڙي اسٽائل سان وهڻو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي، کهڙا ڪپڙا پاتا آهن، سڀ نقلي ۽ گليمر جو حصو آهن. توهان جي شخصيت ناهي ويندي آهي، جيڪا اصلي فطرت کان ڪٽيل به ٿي سگهي ٿي. مطلب ته ميڊيا جي ذريعي جڙتو ڪردار پيدا ڪيا ويندا آهن. ميڊيا مايا جي دنيا پيدا ڪئي آهي، حقيقت گم ڪئي وئي آهي. ان کان پوءِ سڀ نقلي ڪردار پيدا ڪيا ويا آهن، جيڪي مارڪيٽ جو وکر آهن.ماڻهن کي ايترو الجهايو ويو آهي جو سچ گم ٿي ويو آهي رڳو ڪوڙ جي لڙائي ڪوڙ سان پئي هلي.

اچو ته ڏسون مابعد جديديت جي باري ۾ دنيا جي مختلف عالمن جا ڪهڙا رايا آهن.

14 نومبر 1997ع تي شڪاگو ۾ مابعد جديديت جي موضوع تي هڪ ڪانفرنس ٿي هئي، ان ۾ هڪ ماهر جو رايو هو ته، مابعد جديديت اسان کي ڪجھ به نئون نٿي سيکاري، هي اهو رويو آهي جيڪو فطرت ۾ موجود آهي، صرف سائنس ان جون معروضي حالتون پيدا ڪيون آهن. قبل مسيح ۾ هيراقليطس (Heraclites) چيو هو ته:

" You can not step into same river twice" his student added "not even once, there is not same river" 7

ان بيان مطابق ڪنهن به حقيقت کي بقا ناهي بلڪ هڪ رواني آهي، جنهن ڪري هر شيءِ نئين آهي. بيهڪ (Consistence) ڪٿي به ناهي، مابعد جديديت ۾ اهو عمل تيز ٿي ويو آهي. اڳ تاريخ هزارين سالن جي هئي، پوءِ صدين جي ٿيندي هئي ۽ هاڻ ڏهن سالن جي تاريخ آهي، اڃا به روز جي تاريخ ٿيندي. تاريخ هوندي ته ڪلچر، قومون ۽ ٻولي به هوندا نه ته ڪلچر، قوم ۽ ٻولي به ختم ٿي ويندا. اسان ڏسون پيا ته گلوبل ڪلچر ۽ گلوبل معشيت ۾ اهو ئي ڪجھ ٿي رهيو آهي.

ڪولمبيا جي ساڄاهه وند ليکڪ ڪالي ليسن (kale lasn 1942 ) جو خيال آهي ته، " مابعد جديديت ڏاڍي مايوس ڪن ۽ ذهني دٻاءُ وارو فلسفو آهي، ان کي بيان ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڇو ته ڪو به ان کي صحيح معنيٰ ۾ نٿو ڄاڻي، پر هڪڙي ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي، ته اسان انساني تاريخ جي آخري نڪتي تي پهچي چڪا آهيون، هر شيءِ جي اصليت جو خاتمو ٿي رهيو آهي، فن، علم، ادب، ڏاهپ ۽ روايتن جو موت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تي چڪو آهي. مذهب ۽ مسقبل جا رومانوي خيال مري چڪا آهن. دنيا ۾ هاڻ ڪو به انقلاب نه ايندو. انسان ذات دائمي بحران ۾ ڦاسي چڪي آهي. جنهن مان ٻاهر نڪتو نڪري سگهي.

ڊونالڊ ڊيوڊ سن (Donald Davidson) جو چوڻ آهي، مابعد جديديت ۾ اسان دنيا کي پنهنجي تصورن يا خيالن سان سجائي نٿا سگهون. بلڪ دنيا اسان کي سجائيندي آهي. سچ حقيقت جو منظر نامو ناهي، بلڪ سماجي عمل جو پيش منظر آهي. ساڳي وقت ٻولي جيڪا مخصوص زمان و مڪان ۾ موجود آهي پنهجي لفظن ۽ اکرن سان سچ پيش ڪري سگهي، اها به مابعد جديديت جي الڳ آهي. ڪا به پراڻي ٻولي مابعد جديديت کي پيش نٿي ڪري سگهي، ڇو ته ان ٻوليءَ وٽ موجوده زمان و مڪان جي شين ۽ عملن جا لفظ ئي نه هوندا، اهو ئي سبب آهي جو هن وقت دنيا ۾ ڪا به خالص ٻولي ناهي ڇو ته ٻولي فطرت ۽ ڪلچر مان جنم وٺندي آهي. هتي فطرت ۽ ڪلچر روز نئون آهي ته پوءِ ٻولي ڪٿان جنم وٺندي ؟

رچرڊ روٽري (Richard Rotry) جو خيال آهي، مابعد جديديت ٽن تحريڪن جي بنياد تي رکيل آهي. هڪ ساختيات (structuralism) ٻيو ساختيات شڪن (De-structuralism) ۽ ٽيون تعمير شڪن (De-constructions). 1960ع کان 1970 ع تائين دريدا (1930—2004ع) فرانس جو اديب هو، هن به سائنسي طور سماجي ساختيات جو نعرو هنيو. دريدا جو خيال هو ته، جديديت پڇاڙيءَ نه ته ڪو نظريو آهي نه لاڙو بلڪ معروضي حالتن جو عڪس آهي.

مابعد جديدت جي دور ۾ شهر ۽ شهري آبادي ٻهراڙيءَ کان وڌي ويندي آهي. نتيجي طور ڪلچر ۽ قدرن جو خاتمو ٿي ويندو آهي. اتي صرف صارفين جو ڪلچر هوندو آهي. شهر جي سڄي سرگرمي معاشي ۽ واپاري هوندي آهي. اتي رهڻ وارا آهستي آهستي ان ماحول ۽ معاشي نعرن ۾ گم ٿي ويندا آهن، هنن جو وجود ڪجھ به نه هوندو آهي، هو صرف مارڪيٽ جو عڪس هوندا آهن. مارڪيٽ ئي هنن جي رهڻ سهڻ جو ڍنگ طئي ڪندي آهي. مابعد جديديت ۾ دنيا مادي حصول جي پويان ديواني هوندي آهي. مادي ڪشمڪش کي ايچ بي ڊينش هن طرح بيان ڪيو آهي:

" The force of love kindness and mercy were too often defeated in the struggle for material development and consump-



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

tion. Frequently force took place of love, information replaced wisdom, wealth become synonymous of happiness. The earth was shattered into many little centers of self - interests. Consequently human knowledge become limited to the physical world and laws of material were applied to the spiritual. The futility of such as under taking is now clearly before us , as we behold our world divided , dispirited , burdened with in Justice , inequality, mistrust , war , hunger , disease , immorality and death. The world is now seriously ill with disease of materialism.(8)

مابعد جديديت جي دور جو پيدا ٿيندڙ نسل ائين آهي جيئن ڪڪڙ جا فارمي ٻچا، جن نہ ڪڏهن ماءُ جي ڪڇ ڏٺي،نہ پيار جي گرمائش محسوس ڪئي، نہ فطرتي منظر ڏٺا، نہ چانڊوڪيون ڏٺيون، نہ ٿڌي هوا جا جهوٽا محسوس ڪيا، اهڙو ئي نسل اڄ جي مابعد جديديت جو آهي جيڪو ڪٽر ڏنڌي باز، نتيجي پرست (Pragmatic) فطرتي منظرن کان ڪٽيل. جذبا، همدردي، برادري ۽ پنهنجائپ ان لاءِ سڀ اوپريون شيون آهن. هن آپريشن سان جنم ورتو، ٽوڪري ۾ ماءَ ڪٽي هلي، ٿڃ بجاءِ فيڊر پيتو، ماءُ جي لولي بجاءِ سناٽي جا چيڏڪ پريا، نہ بهار ڏٺو نہ سرءُ، نہ تارا ڏٺا نہ ڪتي، نہ ٽيڙو، نہ عيد نہ براد هن تہ صرف فيشن ڏٺو، هن تہ ڏيکاءَ جا تهوار ڏٺا، گليئمر جي چمڪ ۾ گم ٿيل اگهاڙا وجود ڏٺا. گولين جا آواز ٻڌا ۽ لاشن جي نمائش ڏٺي. هن کي پنهنجي ڪابہ خبر ناهي هو تہ صرف هڪ ڪردار آهي، وڪر آهي، پاڙ کي مکي چکي مارڪيٽ ۾ وڪڻندو، پوءِ مادي شين پٺيان ۽ مادي لذتن پٺيان ڀڄندو گهر کي ڊپارٽمينٽل اسٽور ٺاهيندو جنهن ۾ وائڙا ڪردار اڪيلا بگهڙن جيان نقلي خول پائي جيئندا. ناليوارو شاعر اياز گل هن طرح انهيءَ ڳالهہ کي اظهاري ٿو:

ماڻهوءَ اڳيان پويان پاڇا ڊوڙن ٿا،

نظرن ڏي هر روز تماشا ڊوڙن ٿا.

سچ اصولن ۽ احساسن کي دفنائي،

رستن تي بس زنده لاشا ڊوڙن ٿا.

ڪيئن ڪري سگهندا منزل کي پنهنجو

خيال جيڪي چارئي پاسا ڊوڙن ٿا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻار ڇا سوچن جيون ڪهڙي ويڌن آهي،

جنهن جي پويان امان بابا ڊوڙن ٿا.

هر شيءِ هن ڪان ڪيڏو ڏور هلي وئي آهي،

دل پسي بس يار دلاسا ڊوڙن ٿا. 9

مابعد جديديت جو هڪ اهم نڪتو غير مادي معشيت آهي يعنيٰ "Intangible economics"هن نظام ۾ واقعي لاءِ سائنس، معروضي حالتون، سبب يا علت هئڻ ضروري ناهن، واقعا جڙتو، ڪردار جڙتو هوندا، معاشي سرگرمي جڙتو هوندي. ويٺي ويٺي رات وچ ۾ ڪو بہ شاطر ماڻهو امير ۽ ڪو امير غريب بنجي سگهي ٿو، فائلن جي هيرا ڦيري، شيئر مارڪيٽ ۾ ڪروڙن جا سودا ويٺي ويٺي امير يا غريب ڪري سگهن ٿا. هن دور ۾ دولت جو تصور غير مادي آهي، معنيٰ هڪ اليڪٽرڪ ڪريڊٽ ڪارڊ لکين روپين جو هوندو. اربين روپين جا سودا ڪريڊٽ ڪارڊ ۽ ڪوڊ نمبر ذريعي ٿيندا آهن. اسڪينگ ٽيڪنالوجي، ڪمپيوٽر فوٽوگرافي، انٽرنيٽ لئبرري، اليڪٽرڪ پيغام رسائي غير مادي دنيا کي جنم ڏئي رهي آهي. ٻئي طرف جينيٽڪ سائنس ملٽي نيشل ڪمپنين ۾ وڏيڪ ڪمائڻ جي هوس پيدا ڪئي آهي ڇو تہ زرعي طور فارمي جنسون پيدا ڪرڻ، تڪڙا فصل پيدا ڪرڻ، ٻنين ۾ وڌيڪ پاڻ ۽ دوائون وجهي ٻنين جي سگهہ ختم ڪرڻ، مسقبل لاءِ ڏاڍو هاڃيڪار آهي. ان ڪان پوءِ جاندارن ۾ جينيٽڪس DNA مان ڊولي رڊ ٿاهي اهو ثابت ڪيو تہ هاڻي انسان مان اسان انسان بہ ٺاهي سگهون ٿا. دنيا ۾ هن ٽيڪنالوجيءَ تي پابندي آهي.

دنيا ۾ هميشہ بہ نقطء نظر اهم رهيا آهن: هڪ همتائيندڙ ۽ ٻيو مايوس ڪندڙ. اميد وارن جو چوڻ آهي تہ دنيا ۾ انڌير ڪونهي، اهي سڀ ڊيڄارڻ جون ڳالهيون آهن، نہ تہ سائنس تہ انسان کي ترقي وٺرائي آهي، سهولتون ڏنيون آهن ۽ انسان اڳتي وڌي رهيو آهي. مابعد جديديت ڪا مايوس ڪندڙ ڪونهي، دنيا ۾ هي عبوري دور آهي تبديلي ايندي. ٻيو مايوس ڪن نقطء نظر آهي تہ دنيا روز بہ روز تباهي ڏانهن وڌي رهي آهي. سائنس انسان کي ماديت ڏانهن ڌڪيو آهي ۽ انسان انسانيت وڃائي ويٺو آهي.ترقيءَ جي نالي تي انسان وحشي جانور ٿي ويو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن اڪيلو ۽ بيوس بنجندو ٿو وڃي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مابعد جديديت جو انهن ٻنهي سان ڪوبہ تعلق ڪونهي ڇوتہ مابعد جديديت هڪ عمل ۾ معروضيت جو نالو آهي. اهو تہ دنيا ڦٽي ٿي يا ٺهي ٿي، ترقيءَ ڏانهن وڃي ٿي يا تنزل ڏانهن، اهو سوچڻ ڪنهن ڏاهي، نظريات دان، سياست دان، ۾ آشا واد جو ڪم آهي. جديديت ۾ تہ الميي، ڏک، تباهيءَ تي رڙيون ڪيون ويندڀون هيون، احتجاج ڪيو ويندو هو، پر مابعد جديديت تہ ڏک، الميي، يا سانحي کي بہ ملهائي (Celebrate) ڪندي آهي. جي زلزلو ايندو تہ ماڻهو لکين مري ويندا، پر مابعد جديديت لاءِ اهو صرف هڪ اشو آهي، جنهن مان ڪروڙين روپيا ڪمائڻا آهن، سياست چمڪائڻي آهي. توهان اڄ تائين اهو طئي ڪري نہ سگهندا تہ 9/11 جو واقعو الميو هو، سازش هئي، سياست هئي يا پلاننگ هئي. ڪابہ ڳالهہ توهان طئي نہ ڪري سگهندا. جديديت تہ پنهنجي فڪر ۾ نظرئي سان وابستہ هئي، پر مابعد جديديت جو ڪوبہ فڪري حصار ڪونهي، نہ مرڪزيت اٿس، مابعد جديديت جا هزارين رخ آهن سڀ قيمتي ۾ ناياب، حقيقت ڪان ڏور، گهرائي ۾ سوچ ڪان ڏور.

مابعد جديديت جا اهم پهلو حيران ڪندڙ واقعا (Future Shocks) آهن. هن ۾ ظالم ۾ مظلوم جو ڪردار بدلجي ويندو. ڪو ظالم توهان کي رڙيون ڪندي نظر ايندو تہ هن سان ظلم ٿيو آهي، ۾ ڪو مظلوم دنيا ۾ بدنام هوندو تہ هو ظلم ڪري ٿو. اصل ۾ مظلوم ڪو نسل، ڪا قوم ڪو ملڪ يا ڪا جنس نہ هوندي، بلڪ فرد هوندا. مثال امريڪا جو صدر ڪو شيدي ٿئي تہ ان ۾ حيرانيءَ جي ڪابہ ڳالهہ ناهي. مجموعي طور شيدي حڪمران نہ هوندا، يا وري سڀ شيدي آسودا نہ هوندا. اهڙي طرح ڪا عورت حڪمران ٿئي تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ عورت طاقتور ٿي وئي. ڪو ڇڪي هٽڻ وارو ڪروڙين ڪمائي ۾ ڏاهپ وارو عالم بک مري تہ حيرانيءَ جي ڳالهہ ناهي. ڪو ڏوهاري، سمگلر قوم جو هيرو هجي ۾ ساڃاهہ وند کي چريو چيو وڃي تہ ڪا حيرانيءَ جي ڳالهہ ناهي. ڪوڙ کي سچ ۾ سچ کي ڪوڙ چوڻ رواجي ڳالهہ آهي. مابعد جديديت فيوچر شاڪس جو دور آهي.

طالب المولىٰ هن صورت حال تي چيو هو:

عجب آهي زماني جا اطوار مٽجي ويا،
وڏا سردار مٽجي ويا، وڏا پوتار مٽجي ويا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اھا الفت اھا تھذيب ڪانھي ڪا،
غريبن ۾ اجا ڪجھہ آ، پر زردار متجي ويا.
پتل ڪي سون چون ٿا، ھيرو شيشي ڪي،
ڏسو چا ٿي ويو جو سڀ وينجھار متجي ويا.
جي ليليٰ ھجي ھا تہ اڄ وَرُ متي ڪين ھا مٽين تي،
قسم رب جو جو اڄوڪا ھيرن جا ھار متجي ويا.
پراون تي ڪھڙيون مياروں طالب المولىٰ!
ھو نندپڻ جا ساٿي ڪارا وار متجي ويا. 10

رولينڊ باٿس (Roland Bathes 1912-1980) جو مضمون ليکڪ جو موت (Death of Author) ڪافي شهرت ماڻي چڪو آهي، ان جو چوڻ آهي تہ هر نظام جي مطالعي لاءِ هڪ ميٽا ٿيوري جي ضرورت آهي. مثال دريدا، فوڪو جرمنيءَ جي مثال پسنديءَ کي فڪري پس منظر ثاهي جديديت تي تنقيد ڪئي. اهڙي طرح هڪ لکڻيءَ تي تنقيد بہ يا ان جو قد ڪاٺ بہ وقت، حالتون، ۽ مارڪيٽ طئي ڪندي، ليکڪ پنهنجو ليک لکي الڳ ٿي ويو. ان جا پهلو تنقيد نگار، ۽ مارڪيٽ ظاهر ڪندي.

هاڻ تنقيد نگار تہ وچٽرو رهي نٿو سگهي چو تہ هو خود مارڪيٽ جي رحم ڪرم تي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سلمان رشديءَ، جو چوٿون ناول شيطاني آيتون (The Satanic verses)، تسليما نسرين جو لڄ (Laja)، اروڻ ڌتي راءِ جو غريبن جو الله (God of small things) هڪ مخصوص مارڪيٽ جي مفاد خاطر انهن ناولن کي شهرت ڏياري وئي، جڏهن تہ فني يا فڪري طور انهن ناولن ۾ گهڻيون ڪچايون هيون. هاڻي اهڙي ريت دنيا ۾ مارڪيٽ جنهن شيءِ کي چاهي آسمان جي بلندين تي پهچائي ڇڏي، پوءِ اهو ڪو اداڪار هجي، اداڪاره هجي، ڪرڪيٽر هجي، پريمي جوڙو هجي، ڪا فلم هجي، يا ڪا استعمال جي شيءِ يا جڳھ مثال ڪي ايف سي، پيزا هٽ، ميڪ ڊونالڊ وغيره يا ڪو مخصوص ڪاڙو، سڀ مارڪيٽ پيدا ڪندي آهي، مشهور ڪندي آهي. ۽ ماڻهو انهيءَ شهرت جي پٺيان پٺيان ڊوڙندا رهندا آهن بغير سوچڻ ۽ سمجهڻ جي. مابعد جديديت جي بہ اها بہ خصوصيت آهي تہ ماڻهن کي ايترا رخ ڏيکاريو جو هو منجهي پون ۽ سوچڻ ڇڏي ڏين.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ميٽا ٿيوري ڪنهن بہ نظريي لاءِ مثبت ۽ منفي دليل ڳولي سگهي ٿي. هر دور جو نظام معروض ۾ الڳ ۽ ٽيڪسٽ ۾ الڳ هوندو آهي. ٽيڪسٽ ۾ لفظن جو ناچ ٿيندو آهي، غلط کي صحيح ۽ صحيح کي غلط لفظن ۽ منطق جي هيرا ڦيري سان ٿي سگهي ٿي. سوال اهو آهي تہ ڇا انسان جي احساسن ۽ اندر جي سچ کي لفظ پيش ڪري سگهن ٿا؟

مابعد جديديت جي هر لمحي جي هڪ ڪهاڻي آهي، هر لمحي جي هڪ تاريخ آهي ۽ دنيا هڪ اليڪٽرانڪس ڪاڪ محل ( Electronic labyrinth) آهي. ان جي اظهار لاءِ ڪهاڻي يا افسانې ۾ ايتري جان نہ رهي آهي. انهي ءَ ڪري دنيا ۾ ناول کي مقبوليت ملي رهي آهي." ارون ڏتي"ڪان وني" هرٽا مولر" تائين ناولن جو تسلسل اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿو تہ ناول هڪ ادبي طاقتور صنف بنجي اڀري آهي. دنيا ۾ جيڪي اهم ناول مابعد جديديت جي حوالي ڪان لکيا ويا آهن اهي ڪجھ هن ريت آهن: ايلين جنسبرگ (Allen Ginsberg 1926-1997) جو مشهور ناول بيٽ جنريشن Beat Generation) ) جيڪو گهٽيءَ جي ڪلچر (street culture) تي لکيل آهي. اڄڪلهہ جا نوجوان جن ۾ سنجيدگي گهٽ مهم جوئي گهڻي هوندي آهي، فاسٽ فوڊ ڪائيندي، فلرٽ ڪندي، قدرن ڪان بي خبر نوجوانن لاءِ هي ناول اهم آهي. ان ڪان پوءِ وليم ايس بوروفس (William S Burroughs) جو 1992 ۾ مشهور ناول (Naked lunch) ڏاڍو اهم آهي. هي ناول دنيا جي اندر نشي جي سوداگرن، انڊر گرائونڊ مافيا، ۽ ڇاڙايل هم جنس پرستي تي لکيل آهي جنهن ۾ ڇاڙايل آهي تہ دنيا ۾ ماڻهو ڪيئن وکري رهيو آهي، ۽ ڪيئن مرڪزيت ڪان ٻاهر نڪري جانور ٿي رهيو آهي. اهڙي طرح 2000ع ۾ Mark S Danielewski جو لکيل ناول هائوس آف ليوز (House of Leaves) ۽ 2005 ۾ ڪيٽ موس Kate Mosse جو لابرينٿ (Labyrinth) مابعد جديديت جا اهم ترين ناول هئا. هنن ناولن ۾ مابعد جديديت ۾ هيٺين اهم لاڙن جو ذڪر ملي ٿو:

Metafiction, Pastiche, Black humor, Inter-textuality, Fablution, Poioumenon, Magic realism, Techno culture and hyper realty, Paranoia, Maximalism and Minimalism.

عام طور تي اسان وٽ سنڌيءَ ۾ انهن لاڙن جو اثر اڃا گهٽ آهي، ڪجھ ڏينهن اڳ اخلاق انصاري جو ناول " اڌوهي " پڙهيو هئم، انهيءَ ناول ۾ Metafiction

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ Poioumenon جهڙا رجحان موجود هئا.

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ملڪ نديم جو آزاد نظم " باليءَ جي پڙوي ياءُ وانگر" به مابعد جديديت جي صورت حال تي ڏاڍو اهم آهي:

باليءَ جي پڙوي ياءُ
سو سال اڳ
پيسي جي اهميت ڪي سمجهيو
پنهنجي پيٽ جي عيوض
ميرن ڪي لٽيو،
ڪيڏو نہ سياڻو هو!؟
نوانوي سيڪڙو
اڄوڪي شاعر، اديب ۽ دانشور،
وڏيري، ڪاموري،صحافي ۽ سياست دان،
۽ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهوءَ
وطن، قوم،عوام
۽ انسانيت جي بدلي
پيسي جي اهميت ڪي اڄ سمجهيو
باليءَ جي پڙوي ياءُ وانگر
پيسن حاصل ڪرڻ خاطر
هر ڌنڌو شروع ڪيو آهي
ڪيڏو نہ سياڻو آهي!!؟
باليءَ جي پڙوي ياءُ وانگر!؟؟؟. (11)

ان ڪان پوءِ فياض چنڊ ڪليريءَ جي هنن سٽن ڏي بہ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي.

جذبا ۽ احساس شهر ڇڏيا ڳڙڪائي

جسم سمورا ڪورا ڪاڳر جهڙا هئا

هر ڇهري جي پنهنجي ٻولي واڪ هيو

ڳوڙها ٺهڪ سيئي، اوڏر جهڙا هئا.      (سوجهرو آڪٽوبر 2007)

سعيد ميمڻ جي هي سٽون ڏسو:

ماٺهو ماٺهو ڊڪيو پيو آهي

يار هيڏا نقاب ڪير ڳٽي

سڀ نظر رکن ٿا گناهن تي

سعيد ! تنهنجا ثواب ڪير ڳٽي.

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ منظور ڪوهيار، عبيد راشدي، محمد صديق مگيو جي ڪهاڻين ۾ مابعد جديديت جا سماجي عڪس ملن ٿا. ماهتاب محبوب جي ناول " پيار پناهون ڇانورا" ۽ "خواب خوشبو ڇوڪري" ۾ جديد شهري قدر، مارڪيٽ جو گليمر، وجود جي اڇل، اڻ ڪٽندڙ هوس ۽ نوان جنسي قدر بحث هيٺ آيل آهن. جيتوڻيڪ سنڌي سماج جا ڳوٺاڻا علائقا اڃا ٻهراڙيءَ جي قدرن جي اثر ۾ آهن، پر تنهن هوندي به ميڊيا اتي به مارڪيٽ ڪلچر ڦهلائي ڇڏيو آهي. منير چانڊيي جو ناول " ڪيف ڊاران ڪوءِ"بنيادي طور ناول رومانٽڪ آهي، پر هن ۾ اينٽي ڪلائيمڪس جديد دور جي نتيجي پرستي (Pragmatic) وارو آهي، هن ناول ۾ هن نعري جي گونج موجود آهي ته "Think globally and act locally"

ساڳيءَ طرح پيار جي آفاقي هجڻ جي روايت هن ناول ۾ تنقيدي نظر اچي ٿي.

**نتيجو Conclusion :**

پڙهندڙ جي ذهن ۾ هڪ سوال ضرور پيدا ٿيندو ته آخر مابعدجديديت مثبت آهي يا منفي؟



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪارل مارڪس چيو هو تہ سرمائيداري نظام پنهنجو مدو پورو ڪري سوشلزم کي جنم ڏيندو ۽ اڳتي هلي دنيا ۾ جڏهن سوشلزم اچي ويندو تہ سائنس جي وڌندڙ ترقي سائنسي ڪميونزم کي جنم ڏيندي، پر ان لاءِ انقلاب آڻڻ جي شعوري ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت آهي، پر ٿيو ائين تہ اسان سوشلزم بچائي نہ سگهياسين. دنيا انساني مفادن جي بجاءِ مادي ۽ واپاري مفادن ڏانهن مڙي وئي. تاريخ جو ڦيٿو ابتو گهمي ويو. سائنسي ڪميونزم بجاءِ دنيا واپاري گلوبل ٿي وئي. انسان جي هٿ اچڻ بجاءِ چند مافيائن جي هٿ چڙهي وئي. نتيجي طور ماڻهو جيئڻ لاءِ يا مافيا جو ميمبر ٿئي، ڪوڙ جو ساٿ ڏي، مفادن لاءِ سرگردان رهي، يا گمنام ٿي وڃي ڪنڊ وٺي ويهي، ڪوڙ جي بادشاهت ڏسي ۽ ڪوڙن ڪائنرن کي سلام ڪري. مخدوم گرهوڙيءَ انهيءَ صورت حال تي خوب چيو هو:

راور ڦري راڪاس ٿيندا، منڊ نہ وسندا مينهن،

ڪڏهن ڪڏهن شينهن، سلام ڪندا سهن جو.

مابعد جديديت هڪ معروضي صورت حال آهي، اها صورت حال خراب آهي يا صحيح آهي، قيامت آهي يا ويڌن آهي، پر آهي اها معروضي حقيقت.هاڻ جيڪڏهن ڪو اميد پرست آهي تہ اهو چوندو، اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي انسان ترقيءَ جي راهہ تي گامزن آهي. سائنس جي ترقي تمام گهڻيون سهولتون پيدا ڪيون آهن ۽ جيڪڏهن ڪو مايوسي پسند آهي تہ چوندو انسان تہ تباهہ ٿي چڪو آهي، دنيا تباهي ڏانهن پئي وڃي، پر مابعد جديديت جو انهيءَ ڳالهہ سان واسطو ناهي. اميد ۽ مايوسي بہ مارڪيٽ جي رحم ڪرم تي آهي. جنهن گهر ۾ ڌاڙو لڳي ٿو، جنهن کي گولين جو نشانو بنايو ويو، جنهن جي ذهانت ۽ علم جو مذاق اڏايو ويو هجي، عيار Cunning ماڻهو اڳتي هجن انهن جي واهہ واهہ هجي، ان وقت ان ماڻهوءَ کان پڇو تہ اميد ۽ مايوسي ڇا آهي ؟ توهان چوندا اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي، روز اول کان ائين ٿيندو رهيو آهي تہ بہ دنيا هلي پئي. تہ مان بہ ائين چوان ٿو، ائين ٿيندو آيو آهي ۽ سائنس انهيءَ صورت حال کي وڌيڪ تيز ڪيو آهي، پوءِ توهان ترقي ڪهڙي ڪئي آهي؟ بس سوال صرف اهو آهي تہ مابعد جديديت هر سائنسي سهولت کي انسان خلاف استعمال ڪري ٿي ۽ دولت جا انبار گڏ ڪري ٿي. اهو ٿي سگهي ٿو تہ اها صورتحال وقتي هجي ڪنهن وڏي تبديليءَ ڏانهن دنيا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڃي رهي هجي، پر ان اينڌڙ تبديليءَ جو نالو مابعد جديديت نہ هوندو. يقيني طور اهو بحث الڳ هوندو جيڪو تاريخ طئي ڪندي.

هن مقالي ۾ اها ڳالهہ واضح ٿي آهي تہ مابعد جديديت ۾ هينيان رجحان عام آهن.

1. ڪلچر جو خاتمو
2. تاريخ جو خاتمو
3. قدرن جو خاتمو
4. علم، ڏاهپ، ساڃاهہ ۽ سوچ ويچار جو خاتمو
5. عدم تعين
6. مستقل مزاجيءَ جو خاتمو
7. نظرين جو خاتمو
8. فطرت ۽ اصليت جو خاتمو
9. مافيا جو دور
10. ڪوڙ جي ڪوڙ سان ويڙهہ.

اهڙي طرح ادب ۾ ماورائي ٽيڪسٽ، نقلي فن ۽ خيال چوري ڪرڻ ( Pastiche )، الميئي ڪي ناول ۾ سينگارڻ، ذات جي آگاهيءَ جو درد، خيالن جي چرپائپ وغيره جا لاڙا موجود آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## حوالا


1. ناصر عباس نيئر، "جديديت اور مابعد جديديت"، انجمن ترقي اردو پاکستان، کراچي، 2004ع، ص21.
2. سبط حسن، موسیٰ سے مارکس تک، مکتبہ دانيال کراچي. 1984ع، ص347.
3. H.B Danish, M.D. "The Psychology of Spiritualism", Sterling Publishers Private Limited, New Delhi, 1998, page 65.

* اهو جملو نيٽشي پنهنجي ڊرامي "joyful wisdom" ۾ چيو هو.


4. http://en.wikipedia.org/wiki/Introduction_to_quantum_mechanics
5. http://library.thinkquest.org/3487/qp.html 12 June 2010.
6. Stephen R. Covey "The Seven Habits of Highly Effective People", Simon & Schuster Ltd., London 1989. Page 71
7. http://www.brainyquote.com/quotes/quotes/h/heraclitus107157.html 13 June 2010
8. H.B Danish, M.D. "The Psychology of Spiritualism", Sterling Publishers Private Limited New Delhi 1998 page 66

.9 مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سيپٽمبر کان ڊسمبر، 2005ع.

.10 طالب المولىٰ جو هي غزل سنڌي نصاب جي ڪتاب جيڪو نائين ڪلاس تي رکيل آهي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو ڇپايل آهي ان تان کنيو ويو آهي.

.11 هفتيوار جاڳرتا خيرپور ۾ ايڊيٽر ڪامريڊ غلام رسول سهتي ان شاعريءَ کي ڇپائي سڄي سنڌ ۾ ورهايو هو. 2004ع.

.12 ان کان علاوه هن مقالي لکڻ لاءِ ماهوار سوجهرو، سارنگا، ۽ مهراڻ رسالي ۽ مختلف ويب سائيٽن جي مدد ورتي ويئي.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair